ٻارن لاءِ ’درس لطيف‘ جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پيو)

سهيڙيندڙ
ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار
تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ.
2012ع

Contents

هن ڪتاب بابت ........ 3
پنهنجي پاران ........ 4
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت ........ 6

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ "سُر ڪلياڻ"، "سُر يمن ڪلياڻ"، "سُر ڪاپائتي"، "سُر سريراڳ" ۽ "سُر مارئيءَ" مان اهڙا بيت شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ شاهه سائينءَ انسان کي اعليٰ اخلاق جي هدايت ڪئي آهي ۽ حياتيءَ ۾ هر قدم سوچي سمجهي کڻڻ جي نصيحت ڪئي آهي. شاهه صاحب اهو به ٻڌايو آهي ته اسان کي مالي فائدو هوندي به اهڙي سنگت نه رکڻ گهرجي، جنهن سان دل کي خوشي نه ملي، نه ڪي مالي فائدو.

ان ڪانسواءِ هنن بيتن ۾ شاهه صاحب انسان کي هر ڪم ۽ هر پورهيو نيڪ نيتيءَ ۽ پيار سان ڪرڻ جو به سبق سيکاريو آهي. اهڙيءَ ريت عملي زندگيءَ ۾ محنت ڪرڻ ۽ سُستي، غفلت ۽ ڪوتاهيءَ کان پاڻ بچائي، خبرداري، سجاڳيءَ ۽ همت سان هلڻ جو ڏس ڏنو آهي. هنن بيتن ۾ شاهه صاحب اهو به سيکاريو آهي ته بي غرض بڻجي، انسانن جي خدمت ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اُن سان دلي خوشي ۽ ذهني سُڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ الله تعاليٰ به خوش ٿئي ٿو.

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سندن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ، انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ '**واڌو مددگار مطالعي**' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ کين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو قومي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، نہ صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ سموري دنيا جي وڏن شاعرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. **'شاهہ جو رسالو'** هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لازمي طور هوندو آهي ۽ وڏي عمر جا مرد ۽ عورتون ان مان ڪيترائي بيت پهاڪن ۽ چوڻين طور پيا ورجائيندا آهن، پر ڪجهہ وقت کان نوجوان نسل ۾ اهو تاثر اُڀريو آهي تہ شاهہ لطيف جي ٻولي ڏکي آهي ۽ کين اها گهٽ سمجهہ ۾ ٿي اچي. منهنجي خيال ۾ ان جو سبب اهو آهي، جو اسان ٻارن کي ننڍي هوندي کان شاهہ لطيف ۽ سندس ڪلام جي باري ۾ مناسب ساڃاهہ ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. جيڪڏهن اسين ڪڇيءَ کان کين شاهہ جا بيت ٻُڌايون ۽ ٻار جي عمر کي ڌيان ۾ رکي، درجيبندي ڪري پهرين سؤلا ۽ پوءِ آهستي آهستي ڳوڙهي معنيٰ رکندڙ بيت سندن ڪنن ۾ وجهون ۽ انهن جي معنيٰ کين سمجهايون تہ وڏو ٿي ڪوبہ نوجوان ائين ڪونہ چوندو تہ شاهہ جي ٻولي ڏکي آهي. ٻوليءَ کان اڳتي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ معنيٰ جا موتي وکريا پيا آهن. اعليٰ انساني اخلاقي قدرن، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ سان گڏ دنيا ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ جا سبق پريا پيا آهن. ضروري آهي تہ پنهنجن ٻارن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ اهي کين پڙهايا وڃن.

ڪجهہ ڏينهن اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو تہ سنڌ گريجوئيٽس

ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 ’روشن تارا‘ اسڪولن ۾ چوٿين ڪان ائين ڪلاس تائين **’شاهه لطيف‘** پڙهايو ويندو آهي. ان لاءِ پاڻ ڪجهه ڪتاب به تيار ڪرايا هئائون. جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا آهن. وري هاڻي تازو پاڻ اها خوشخبري به ٻڌايائين ته سنڌ حڪومت به اصولي طور اها ڳالهه قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي. جنهن موجب اسڪولن ۾ **”درسِ لطيف“** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان اسان بهتر سمجهيو ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي به سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهه لطيف جي ساڃاهه پيدا ڪرڻ جي مقصد سان **”درسِ لطيف“** ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا آهن، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا آهن. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏئي، ٻارن ۾ ڪنهن نه ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ آءٌ محترم پروفيسر سيد شيرشاهه ۽ محترم پروفيسر تاج جويي جي ٿورائتي آهيان، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

مون کي اميد آهي ته هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهه لطيف جي ساڃاهه پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ـ ڊاڪٽر فهميده حسين**

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نہ صرف سنڌ ۽ پاڪستان جو پر دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ شاعر آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب **”شاهہ جو رسالو“** سڏجي ٿو. سندس ڪلام سُرن ۾ ورهايل آهي. هر هڪ سُر ۾ ڪيترائي بيت ۽ وايون آهن، جن ۾ شاهہ سائينءَ دين ۽ دنيا جي بهتر زندگي گذارڻ لاءِ سهڻا سبق سمجهايا آهن.

شاهہ عبداللطيف نہ رڳو پنهنجن استادن، بزرگن، صوفي سالڪن ۽ جوڳين سامين جي صحبت مان گهڻو ئي علم پِرايو پر هو پاڻ سان هر وقت قرآن شريف، مثنوي مولانا جلال الدين رومي ۽ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو کڻندو هو جيڪي سندس علم جي واڌاري لاءِ ڪتب ايندا هئا. شاهہ صاحب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سواءِ ٻين پاسن جو پڻ سير ڪيو ۽ اتي جي ماڻهن ۽ ماڳن مان گهڻي ڄاڻ حاصل ڪئي، جنهن کي هن پنهنجي رسالي جي بيتن ۽ واين ۾ بيان ڪيو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام سندس سهڻي سيرت جو آئينو آهي. سندس طبيعت ٻاجهاري، عادتون نيڪ ۽ اخلاق اعليٰ هو. هو سادو ڪائيندو ۽ سادو پائيندو هو. اجائي وڏائيءَ کان پاسو ڪندو هو. اُن ڪري عام ماڻهو سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. هن پنهنجي ڪلام ۾ اهڙن سمورن گُڻن جي ساراهہ ڪئي آهي، جن سان انسان پنهنجي زندگي سنواري سگهي ٿو. انهن مان سڀ کان وڏو گُڻ هُو انسانن سان پيار ۽ محبت سان رهڻ ۽ هڪ ٻئي سان نوڙت ۽ عاجزيءَ سان پيش اچڻ کي سڏي ٿو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، تمام وڏو وطن دوست هو ۽ پنهنجي وطن ۽ اُن جي رهواسين سان بيحد محبت ڪندو هو. سندس وطن دوستي ۽ ساڻيهہ جي سڪ جو احوال اسين سندس رسالي جي ”سُر مارئيءَ“ ۾ پڙهي ۽ ڏسي سگهون ٿا. شاهہ سائينءَ کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ

سان بہ تمام گهڻي محبت هئي، ان ڪري هن ڌارين جي ٻولين کي ڇڏي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چيا.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ کي مختلف سُرن ۾ ورهايو آهي، جن ۾ هن سنڌ جي ڪيترين لوڪ آکاڻين ۽ انهن جي ڪردارن جا مثال ڏئي، سٺي انسان بڻجڻ جو سبق سيکاريو آهي.

بيت : 1

**ويني جِنين وَٿِ، ڏُکندو ڏاڍو ٿئي،**
**سا مجلس ئي مَٿِ، جي حاصل هوءِ هزارَ جو!**

| | | | |
|---|---|---|---|
| **جنين وٽ:** | **جن وٽ، انهن وٽ** | **مجلس:** | **ڪچهري، محفل** |
| **ڏکندو:** | **ڏک، تڪليف، سُور** | **مَٿِ:** | **مٿاءِ، بدلاءِ** |
| **ڏاڍو:** | **گهڻو وڏيڪ، ججهو، سخت** | **هزار:** | **هزارن ۾، تمام گهڻو** |

بيت جي سمجهاڻي

**هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر يمن ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب اسان کي سمجهايو آهي ته انسان کي اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ جي سنگت ۾ نه ويهڻ گهرجي، جتي وڃي خوشيءَ بدران ڏک ۽ تڪليف ملي يا دل آزاري ٿئي. ماڻهوءَ کي اهڙي ماحول کان دور رهڻ گهرجي، پوءِ ڀلي ڪٽي اُن مان ڪو مالي فائدو ڇو نه ملندو هجي.**

●●●

بيت: 2

**وينـي جِنين وَٽ، ڏُکندو ڏورِ ٿئي،**
**تون تنين سين کٽِ، اوڏا اڏي پَکڙا.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| **جنين وٽ:** | **جن وٽ، انهن وٽ** | **کٽ:** | **گذار، گڏ ويهه** |
| **ڏُکندو:** | **ڏک، تڪليف** | **اوڏا:** | **ويجها، ڀرسان** |
| **ڏور ٿئي:** | **ڀري ٿئي، ختم ٿئي** | **اَڏي:** | **ٺاهي، جوڙي** |
| **تنين سين:** | **تن سان، انهن سان** | **پَکڙا:** | **گهرڙا، جهوپڙا** |

بيت جي سمجهاڻي

**هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر يمن ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ سمجهايو آهي تہ اهڙا ماڻهو جن جي سنگت ۾ ويهي ڏک ڏور ٿين ۽ خوشي حاصل ٿئي، انهن جي ويجهو گهرڙو ٺاهي، اُنهن جي صحبت ۾ زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مطلب تہ همدرد ۽ نيڪ ماڻهو هجن ۽ ماحول بہ سٺو هجي تہ انسان کي اُنهن سان گڏجي گهارڻ گهرجي.**

●●●

بيت: 3

## مُحبت پائي مَنَ ۾، رَنڍا روڙيا جِن،
## تِن جو صَرافن، اٽتوريو ئي اگهائيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| رنڍا: | سُٽَ جون ٽلهيون تندون، خراب سُٽُ | صراف | پارکو، سون يا سُٽ جو پرکيندڙ |
| روڙيا: | ڪتيا، تندن کي لسو ڪيو | اٽتوريو: | بنا تورڻ جي |
| | | اگهائيو: | قبول ڪيو |
| صرافن: | پارکو ماڻهن، سون يا سُٽ جا پرکيندڙ | | |

بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ”سُر ڪاپائتيءَ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائين اُن ڳالهہ جي خاطري ٿو ڏياري تہ جيڪڏهن ماڻهو پنهنجو ڪم پيار، محبت ۽ من جي سچائيءَ سان ڪندو تہ ان ۾ ٿوري گهٽتائي هوندي تہ بہ اهو ضرور قدردانن وٽ قبول پوندو. باقي بي دليءَ سان ڪيل ڪم ۾ اها خوبي ڪا نہ هوندي آهي، جيڪا ڀين جي دل کي وڻي ۽ اهي ان کي قبول ڪن.

●●●

## بيت: 4

**پاڇاهِي نہ پاڙيان، سَرتيون سُئيءَ ساڻ،**
**ڏکي اگھاڙن کي، ڪين ڏکيائين پاڻ،**
**ٻيهر ڄاڻِي ڄاڻ، اِبرَ جي اوصافَ کي.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| پاڇاهي: | بادشاهي، شاهي شان | ڄاپي: | ڄمي، جنم وٺي |
| پاڙيان: | برابر ڪريان | ڄاڻ: | معلوم ڪر |
| سرتيون: | سهيليون، جيڏيون | اِبر: | سُئي (سبڻ واري سُئي) |
| ڏکي: | ڪپڙا پارائي | اوصاف: | خوبي، گُڻَ |

### بيت جي سمجھاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ”سُرمارئيءَ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ سُئيءَ جهڙي ننڍڙي شيءِ جي ساراهہ ڪئي آهي ۽ چوي ٿو تہ سُئيءَ جي وڏائيءَ سان بادشاهي شان کي بہ برابر نہ ٿو سمجهان. سُئيءَ جي وڏائي ۽ رتبي کي سمجھڻ لاءِ هيءَ عمر ٿورڙي آهي، ٻيو جنم وٺي اچي سُئيءَ کي سمجھڻو پوندو. ڇو تہ اها پاڻ ڏکڻ بدران ٻين جا ڪپڙا سبڻ جو ڪم ڪري ٿي. هن بيت مان اهو سبق ملي ٿو تہ انسان کي پاڻ وساري ٻين جي خدمت ڪرڻ گھرجي.

●●●

بيت: 5

## چڱا ڪَن چڱائِيون، مَٺايون مَٺن،
## جو وَڙُ جُڙي جِن سين، سو وَڙُ سيئي ڪن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مَٺايون: | برايون، خرابيون | جُڙي: | سونهي، ٺهي |
| مَٺن: | بُرائي ڪندڙن، خراب ماڻهن | سيئي: | اُهي ئي، سي ئي |
| وڙ: | سُلوڪ، ورتاءُ | | |

بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر ”سِريراڳ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ اسان کي ٻڌايو آهي تہ جيڪي سٺو اخلاق رکندڙ چڱا ماڻهو هوندا آهن، اهي هميشہ ٻين سان چڱائي ڪندا آهن ۽ سٺو سُلوڪ ڪندا آهن، پر جيڪي خراب يا بُرا ماڻهو هوندا آهن، انهن جو ورتاءُ ۽ سلوڪ ٻين سان سٺو ڪو نہ هوندو آهي. سچ تہ هر ماڻهو پنهنجي اخلاق ۽ هلت مان پڌرو هوندو آهي تہ اهو چڱو آهي يا برو.

●●●

بيت: 6

## ڪَمُ! ڪمندَنِ ڪَٽيو، هارايو هُوڙَنِ
## ڇَڪيو نہ ڇُوندنِ، هو جو ساءُ صَبرَ جو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪَم: | سَھُہ، بخش ڪر | ڇُوندن: | ڇوڙ وارن، ڳالھائيندڙن |
| ڪمندَنِ: | سَھڻ، صبر ڪرڻ، بخش ڪرڻ | ساءُ: | سواد، ذائقو |
| هوڙَنِ: | هوڏ ڪندڙن، ضد ڪرڻ وارن | | |

بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر يمن ڪلياڻ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھہ سائينءَ اسان کي صبر ۽ برداشت ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. هو چوي ٿو تہ اي انسان! تون صبر ڪر ۽ بخش ڪرڻ سک، ڇو جو صبر ڪرڻ وارو هميشہ کٽيندو آهي، باقي جيڪي اجائي هوڏ ۽ ضد ڪندا آهن، اهي هميشہ هارائيندا آهن، اجايو ڳالهائيندا آهن، انهن کي صبر جي مٺي ذائقي جي خبر ئي ڪانهي. شاھہ صاحب اهو ٿو سمجهائي تہ ”صبر جو ڦل مٺو هوندو آهي“.

●●●

بيت: 7

## پِريان سندي پارَ جي، مڙئي مِٺائي،
## ڪانهي ڪَڙائي، ڇَڪِين جي چيتِ ڪري.

| | | | |
|---|---|---|---|
| پريان: | پرين، سچو دوست، محبوب | ڪڙائي: | ڪڙاڻ، برائي، خرابي |
| مڙئي: | سموري، سڀ | چيت: | هوش، ڌيان، خيال |
| مٺائي: | مٺاڻ، محبت سان پريل، چڱائي | | |

بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي پهرئين سُر ”ڪلياڻ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائين اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جيڪي اسان جا سچا دوست هوندا آهن، اهي اسان لاءِ چڱو سوچيندا آهن ۽ اُنهن وٽان اسان کي مٺا ٻول ملندا آهن. اهي ڪڏهن بہ ڪا برائي يا ڪڙي ڳالهہ ڪانہ ڪندا آهن. اها ڳالهہ اسان کي گهٽي ڌيان ۽ هوش ڌارڻ سان سمجهہ ۾ ايندي.

هن بيت ذريعي شاهہ صاحب اهو بہ پيغام ڏنو آهي تہ الله سائين اسان جو سچو محبوب ۽ سڄڻ آهي ۽ اهو هميشہ اسان جي لاءِ بهتر فيصلو ڪندو آهي.اها ڳالهہ اسان کي چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي.

●●●

## مشق

I سوال:

1. شاهه صاحب ڪھڙن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ لاءِ چيو آهي؟

2. شاهه صاحب ڪھڙن ماڻهن وٽ ويهڻ کان منع ڪئي آهي.

3. اسان ڪي پنهنجو ڪم ڪھڙي طريقي سان ڪرڻ گهرجي؟

4. اسان کي سُئيءَ کان ڪھڙو سبق سکڻ گهرجي؟

5. شاهه صاحب صبر ڪرڻ وارن لاءِ ڇا چيو آهي؟

II هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اوڏا | | ڄاڻ | |
| ننڊ | | ڪتڻ | |
| محبت | | مِٺائي | |

III شاهه جي بيتن ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ ڏنل هدايتون/ڏسُ پنهنجي لفظن ۾ لکي اچو.